नामांक Roll No.

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | | |

**Question Booklet No.**

No. of Questions – **20**

No. of Printed Pages – **11**

**S-74-Sindhi (T.L.)**

# माध्यमिक परीक्षा, 2025

# SECONDARY EXAMINATION, 2025

## सिन्धी

## SINDHI
## (Third Language)

**समय : 3 घण्टे 15 मिनिट**

**पूर्णांक : 80**

**شاگردن لاءِ ضروري هدايتون :**

1) شاگرد سڀ کان پهرين پنهنجي سوالي پيپر تي رول نمبر ضرور لکن.

2) سيئي سوال ڪرڻ ضروري آهن.

3) هر هڪ سوال جو جواب ڏنل جوابي ڪاپيءَ ۾ لکڻو آهي.

4) سوالن جا جواب کنڊ انوُسار لکو.

5) سوال جو جواب لکڻ کان اڳ سوال جو نمبر ضرور لکو.

6) هر هڪ سوال جي سامهون مارڪون ڏنل آهن.

**- शागिर्दनि लाइ ज़रूरी हिदायतूं -**

1) शागिर्द सभ खां पहिरीं पंहिंजे सुवाली पेपर ते रोल नंबर ज़रूर लिखनि ।

2) सभई सुवाल करण ज़रूरी आहिनि ।

3) हर हिक सुवाल जो जवाबु, डि॒नल जवाबी कॉपीअ में लिखिणो आहे ।

4) सुवालनि जा जवाब खण्ड अनुसार लिखो ।

5) सुवाल जो जवाबु लिखण खां अगु सुवाल जो नंबर ज़रूर लिखो ।

6) हर हिक सुवाल जे साम्हूं मार्कूं डि॒नल आहिनि ।

## ڪنڊ 'أ'

**[18×1=18]**

.1 (i کان xviii) هيٺين سوالن جا صحيح جواب چونڊيو:

i) 'آبشار' لفظ جي معنيٰ آهي

أ) آسمان ب) پاڻي

س) جهرڻو د) ڪپ

ii) 'مُلهه' ڪهاڻيءَ جو ليکڪ آهي.

أ) پرمانند ميوارام ب) هري همٿاڻي

س) اِيشور چندر د) ڪنعيا لال اگناڻي

iii) هولي ملهاي ويندي آهي.

أ) ڦڳڻ ب) ڄيٺ

س) ويساک د) ڪتي

iv) 'يادگيرين جا قافلا' آهي

أ) ڪهاڻي ب) مضمون

س) سفرنامو د) جيوني

v) 'سنڌوءَ جي ڪناري' فلم ۾ اداڪارا جو رول ڪيو

أ) پوپٽي هيراننداڻي ب) ڪملا شيوڪاڻي

س) اِشوري جوتواڻي د) سندري اُتمچنداڻي

vi) پناڻ ڪوٽ سرحد تي شهيد ٿيڻ وارو نوجوان هو

أ) ڪشن ملڪاڻي ب) پرتلال مسند

س) رميش بدلاڻي د) پريم رامچنداڻي

vii) سچل سرمست جو جنم ٿيو

أ) شڪارپور ب) هالا حويلي

س) درازن د) پٽ

viii) ڪشنچند بيوس جي رچنا آهي

أ) ائٽ جو آواز ب) قدرت وارا

س) گلن جي ٽوڪري د) اي داتا

ix) 'مهانگائي جي دؤر ۾ ڏس رنگ ناٽي جا' ۾ ناٽي لفظ جي معنيٰ آهي

أ) پئسو　ب) نارو

س) ماڻهو　د) پريم

x) نهائيءَ ڪان........ .. جو ٿبڪ سگهڻ گهرجي

أ) نفرت　ب) دشمني

س) وير　د) نينهن

xi) 'گلن جي ٽوڪري' ڪوتا جو شاعر آهي

أ) رام پنجواڻي　ب) هوندراج 'دکايل'

س) هري دلگير　د) نارايڻ شيام

xii) 'ملوڪ' لفظ جي معنيٰ آهي

أ) بدزيبو　ب) خوبصورت

س) بدصورت　د) ڪوجهو

xiii) هيڏانهن . . . . . . . هڙ ٿو ڪيڙي

أ) هاري　ب) مالهي

س) واڍو　د) ڪُمير

xiv) اِسم خاص جو مثال آهي

أ) گُل　ب) جبل

س) ڪوهنور　د) شهر

xv) 'هو منهنجو گهر آهي' مثال آهي

أ) ضمير غائب　ب) ضمير حاضر

س) ضمير متڪلم　د) ضمير اِشارو

xvi) 'رام هوشيار ڇوڪرو آهي' سٽ ۾ صفت آهي

أ) رام　ب) هوشيار

س) ڇوڪرو　د) آهي

xvii) جنس مذڪر جو مثال آهي

أ) گهوڙي　ب) ڇوڪري

س) گهوڙو　د) ڍيل

xviii) جنهن لفظ مان هڪ جي ڄاڻ پوي ٿي. اُن کي سڏبو آهي

أ) عدد واحد　ب) عدد جمو

س) فعل　د) جنس

## खण्ड -"अ"

**1.** (**i** खां **xviii**) हेठियनि सुवालनि जा सही जवाब चूंडियो **[18×1=18]**

i) "आबशारु" लफ़्ज़ जी माना आहे

अ) आसमान ब) पाणी

स) झरणो द) कपु

ii) "मुल्हु" कहाणी जो लेखक आहे

अ) परमानंद मेवाराम ब) हरी हिमथाणी

स) ईश्वर चंदर द) कन्हैया अगनाणी

iii) "होली" मल्हाई वेंदी आहे

अ) फगुण ब) ज़ेठ

स) वेसाख द) कती

iv) "यादगिरियुनि जा काफ़िला" आहे

अ) कहाणी ब) मज़मून

स) सफ़रनामो द) जीवनी

v) "सिंधूअ जे किनारे" फिल्म में अदाकारा जो रोल कयो

अ) पोपटी हीरानंदाणी ब) कमला शेवकाणी

स) ईश्वरी जोतवाणी द) सुन्दरी उत्तमचंदाणी

vi) पठानकोट सरहद ते शहीद थियण वारो नौजवान हो

अ) किशन मलकाणी ब) भरतलाल मसंद

स) रमेश बदिलाणी द) प्रेम रामचंदाणी

vii) सचल सरमस्त जो जनमु थियो

अ) शिकारपुर ब) हाला हवेली

स) दराज़नि द) भिट

viii) किशनचंद बेवसि जी रचना आहे

अ) एट जो आवाज़ ब) कुदरत वारा

स) गुलनि जी टोकरी द) ए दाता

ix) "मंहगाईअ जे दौर में ड़िसु रंग नाणे जा" में 'नाणे' लफ़्ज़ जी माना आहे

अ) पैसो ब) नालो

स) माण्हूं द) प्रेम

x) निहाईंअ खां ... जो सबकु सिखणु घुरिजे

अ) नफ़रत　　ब) दुश्मनी

स) वेर　　द) नींहु

xi) "गुलनि जी टोकरी" कविता जो शाइरु आहे

अ) राम पंजवाणी　　ब) हूंदराज 'दुखायल'

स) हरी 'दिलगीर'　　द) नारायण 'श्याम'

xii) 'मलूक' लफ़्ज़ जी माना आहे

अ) बदज़ेबो　　ब) ख़ूबसूरत

स) बदसूरत　　द) कोझो

xiii) हेडा॒हं ..... हरु थो खेड़े !

अ) हारी　　ब) माल्ही

स) वाढो　　द) कुम्भर

xiv) इस्मु ख़ासु जो मिसाल आहे

अ) गुलु　　ब) जबल

स) कोहिनूर　　द) शहरु

xv) 'हू मुंहिंजो घरु आहे।' मिसाल आहे

अ) ज़मीर ग़ाइबु　　ब) ज़मीरु हाज़िरु

स) ज़मीरु मुतकलम　　द) ज़मीरु इशारो

xvi) 'राम होशियारु छोकिरो आहे ।' सिट में सिफ़त आहे

अ) राम　　ब) होशियारु

स) छोकिरो　　द) आहे

xvii) जिंस मुज़कर जो मिसाल आहे

अ) घोड़ी　　ब) छोकरी

स) घोड़ो　　द) डेल

xviii) जंहिं लफ़्ज़ मां हिक जी जा॒ण पवे थी, उनखे सडि॒बो आहे

अ) अददु वाहिदु　　ब) अददु जमउ

स) फ़इल　　द) जिंस

**2. (i کان vi) صحيح لفظ چونڊي خال ڀريو** **[6×1=6]**

**(ڌرو تارو، يٽ، سدائين، اِيڪتا، سمهارڻ، ضمير).**

i) تهنجي پٽيان مونکي ٻه مٿي ۾ واءُ اچي ويٺو هو جو مون ڪٽي توسان .......... هنيون.

ii) جاڳائڻ ڏوهه ڪونهي پر .......... ڏوهه آهي.

iii) گرديو روندرناٿ ڀارتيي ساهتيه گگن جو .......... هو.

iv) سائنم .......... ڪرين مٿي سِنڌُ سُڪار.

v) اسان کي .......... ۽ پريم جو ڏي دان اي داتا.

vi) .......... اُهو لفظ آهي، جو اِسم جي بدران ڪم اِيندو آهي.

**2.** (**i** खां **vi**) सही लफ़्ज़ चूंडे ख़ाल भरियो - **[6×1=6]**

[ध्रुवतारो, यटु, सदाईं, एकता, सुम्हारणु, ज़मीरु]

i) तुहिंजे पुठियां मूंखे बि मथे में वाउ अची वेठो हो जो मूं खणी तोसां .......हंयो ।

ii) जागा॒इणु डो॒हु कोन्हे पर ............ डो॒हु आहे ।

iii) गुरुदेव रविन्द्रनाथ भारतीय साहित्य गगन जो ............ हो।

iv) साईंमि ......... करीं मथे सिंधु सुकारु ।

v) असां खे ............ ऐं प्रेम जो डे॒ दानु ए दाता ।

vi) .......... उहो लफ़्ज़ आहे, जो इस्म जे बदिरां कमु ईंदो आहे ।

**3. (i کان xii) هيٺين سوالن جا جواب هڪ سٽ ۾ لکو.** **[7×1=7]**

i) 'ٻڍا آشرم' ڪهاڻيءَ ۾ ڇا جو ڇٽ ڇٽيل آهي ؟

ii) پڙهڻ وقت ڇا - ڇا ڪرڻ کپي ؟

iii) عمر ماروئيءَ کي ڇو قيد ڪيو ؟

iv) مانک ديهه جو قدر ڪهڙي ماڻهوءَ کي ٿئي ٿو ؟

v) 'اِئڻ جو آواز' بيت ۾ ڪهڙو سنديش ڏنل آهي ؟

vi) سمنڊ مان ماڻڪ موتي ڪير حاصل ڪري سگهندو ؟

vii) اِسم ڇا کي چئِبو آهي ؟

* هيٺ ڏنل ٽڪري کي ڌيان سان پڙهي سوالن جا جواب لکو. **[5×1=5]**

وقت اُهو آزاد پکي آهي، جو ڪنهنجي بہ دام ۾ نٿو ڦاسي. هيءُ اُهو بيڪِنار سيلاب آهي، جو ڪائنات جي حدُن کي ڀاڪر ڀري محدوُد ڪري ويٺو آهي. وقت جا ڪرشما ڪهڙا نہ حيرت انگيز آهن. وقت ڪهڙو نہ ماٺ ۾، مگر تيزيءَ سان کسڪندو پيو وڃي. وقت جو ڪيو موٽي هٿ نٿو اچي. ڪنهنجي مجال آهي، جو زبان مان نڪتل حرف وات ۾ موٽائي وجهي يا ڇٽل تير کي ڪمان ۾ آڻي سگهي ؟ وقت جي وير ساموندي وير کان الهدي آهي. ساموندي وير ٿوري ئي وقت ۾ موٽ کائيندي آهي مگر هيءَ اها وير آهي، جا ڪڏهن بہ واپس نٿي وري.

viii) مٿئين ٽڪري جو سِرو لکو.

ix) وقت ڪهڙو پکي آهي ؟

x) ڪنهنجو ڪيو موٽي هٿ نٿو اچي ؟

xi) وقت جي وير ڪنهن کان الهدي آهي ؟

xii) ضد لکو - آزاد

**3.** **(i** खां **xii)** हेठियनि सुवालनि जा जवाब हिक सिट में लिखो: **[7×1=7]**

i) “बुढा-आश्रम” कहाणीअ में छा जो चिटु चिटियल आहे?

ii) पढ़ण वक़्त छा-छा करणु खपे?

iii) उमर मारूईअ खे छो कैद कयो?

iv) मानुख देहि जो क़दुरु कहिड़े माण्हूअ खे थिए थो?

v) “अइट जो आवाज़” बैत में कहिड़ो संदेशु डिनल आहे?

vi) समुंड मां माणिक मोती केरु हासिल करे सघंदो?

vii) इस्म छा खे चइबो आहे?

* हेठि डिनल टुकिरे खे ध्यान सां पढ़ी सुवालनि जा जवाब लिखो: **[5×1=5]**

वक़्तु उहो आज़ाद पखी आहे, जो कहिंजे बि दाम में नथो फासे । ही उहो बेकिनार सैलाबु आहे, जो काइनात जे हदुनि खे भाकुरु भरे महिदूद करे वेठो आहे । वक़्त जा करिश्मा कहिड़ा न हैरतअंगेज़ आहिनि । वक़्तु कहिड़ो न माठि में, मगरि तेज़ीअ सां खिसिकंदो पियो वञे । वक़्त जो कयो मोटी हथि नथो अचे । कहिंजी मजाल आहे, जो ज़िबान मां निकितल हर्फ़ु वात में मोटाए विझे या छुटल तीर खे कमान में आणे सघे? वक़्त जी वीर सामूंडी वीर खां अलहदी आहे । सामूंडी वीर थोरे ई वक़्त में मोट खाईंदी आहे मगरि हीअ उहा वीर आहे, जा कडहिं बि वापसि नथी वरे ।

viii) मथिएं टुकिरे जो सिरो लिखो ।

ix) वक़्तु कहिड़ो पखी आहे?

x) कंहिंजो कयो मोटी हथि नथो अचे?

xi) वक़्त जी वीर कंहिं खां अलहदी आहे?

xii) ज़िदु लिखो - आज़ाद

## ڪنڊ ’ب‘
## खण्ड - "ब"

(4-13) هيٺين سوالن جا جواب اٽڪل 50 لفظن ۾ ڏيو. [10×2=20]

(4-13) हेठियनि सुवालनि जा जवाब अटिकल 50 लफ़्ज़नि में ड॒ियो: [10×2=20]

4. اشوڪ کي اما سيوا بدلي ڇا ڏنو، اشوڪ اونجو ڇا ڪيو؟

4. अशोक खे अमां सेवा बदिले छा ड॒िनो, अशोक उनजो छा कयो?

5. سندريءَ جون ڪهاڻيون پاٺڪن جي دلين تي گهرو اثر ڪن ٿيون. سمجهايو.

5. सुंदरीअ जूं कहाणियूं पाठकनि जे दिलियुनि ते गहरो असर कनि थियूं, समुझायो ।

6. ڪتلارام پنهنجي آخري خواهش ڪهڙي ۽ ڇو پرڪٽ ڪئي؟

6. कत्लाराम पंहिंजी आख़िरी ख़्वाहिश कहिड़ी ऐं छो प्रकट कई?

7. اندرا ۽ شيرين هڪ ٻئي سان ڪوڙ ڇو ڳالهايو؟

7. इंदिरा ऐं शींरींअ हिक ब॒िए सां कूड़ु छो गा॒ल्हायो?

8. پروفيسر رام پنجواڻيءَ ’سڀ جائي سڄڻ‘ ڪويتا ۾ اِيشور جي سروپ جو ڪهڙي نموني بيان ڪيو آهي؟

8. प्रो. राम पंजवाणीअ "सभ जाइ सज॒ण" कविता में ईश्वर जे सरूप जो कहिड़े नमूने बयानु कयो आहे?

9. ’ڏک ۽ سک جنهن جا ٻه ڪنارا‘ جي اندرين معنيٰ سمجهايو.

9. "दुःखु ऐं सुख जहिं जा ब॒ किनारा" जी अंदिरीं माना समुझायो ।

10. ارجن ’شاد‘ پنهنجي غزل ۾ اِنسان کي ڇا ٿو چوڻ چاهي؟

10. अर्जुन 'शाद' पंहिंजी 'ग़ज़ल' में इंसान खे छा थो चवणु चाहे?

11. پنهنجي ديش جو دامن ڇا سان ڀرڻ جي پرارٿنا ڪويءَ ’اي داتا‘ ڪويتا ۾ ڪئي آهي؟

11. पहिंजे देश जो दामनु छा सां भरण जी प्रार्थना कवीअ "ए दाता" कविता में कई आहे?

12. ڪن ٻہ چئن لفظن جو عدد بدلايو.
(موٽر، ٻڪري، کٽ، گهوڙا، تالو)

**12.** किनि बि चइनि लफ़्ज़नि जो अददु बदिलायो ।
[मोटरि, ॿकिरी, खट, घोड़ा, तालो ]

13. ڪن ٻہ چئن لفظن جي جنس بدلايو.
( امان، راجا، سسُ، ڪمير، ڏاڏي )

**13.** किनि बि चइनि लफ़्ज़नि जी जिंस बदिलायो ।
[अमां, राजा, ससु, कुंभर, डाडी ]

## ڪنڊ 'س'

## खण्ड - "स"

14. حوالو سمجهايو-
'ڀلائي ڪري اُهو اوپاو مونکي ٻڌاءِ، مان اهو ضرور ڪندس'. **[3]**
يا
هيرو جنم نہ هار، مورک من جي ڀائي تون،
ملي ساڌ سنگت سان، اوديا ڀرم نوار،
پنهنجو پاڻ سنڀار، تہ سکي ٿئين سامي چئي.

**14.** हवालो समुझायो -
"भलाई करे उहो उपाव मूंखे ॿुधाइ, मां उहो ज़रूरु कंदुसि ।" **[3]**
**या**
हीरो जनमु न हारि, मूर्ख मन जे भाइ तूं; मिली साध संगति सां,
अविद्या भरमु निवारि; पंहिंजो पाणु संभारि, त सुखी थिएं 'सामी' चए ।

15. 'پرائي ماس ۾ ڪاتي' ڪهاڻيءَ مان ڪهڙو سنديش ملي ٿو؟ سمجهايو. **[3]**
يا
'سفر' ڪهاڻيءَ جو سار لکو.

**15.** "पराए मास में काती" कहाणीअ मां कहिड़ो संदेश मिले थो? समुझायो । **[3]**
**या**
"सफ़रु" कहाणीअ जो सारु लिखो ।

.16 سچي سرشٽي قدرت واري جي ساراهہ ڪھڙي نموني ٿي ڪري؟ سمجھايو. [3]

يا

’ماڻھو منھنجي ملڪ جا‘ ڪويتا جو سار لکو.

**16.** सजी॒ सृष्टी कुदरतवारे जी साराह कहिड़े नमूने थी करे? समुझायो । **[3]**

या

“माण्हूं मुंहिंजे मुल्क जा” कविता जो सारु लिखो ।

.17 ڪن ٻہ ٽن اصطلاحن/ پھاڪن جي معنيٰ لکي جملي ۾ ڪم آڻيو- [3]

i) سائي سائي ڪرڻ ii) دال نہ ڳرڻ

iii) وات جا ڦٽاڪا ساڙڻ iv) پاڻي ولوڙڻ

v) صدقي جي ٻڪري vi) ٺريل کير کي ڦوڪون هڻڻ

**17.** किनि बि टिनि इस्तलाहनि / पहाकनि जी माना लिखी जुमिले में कमि आणियो: **[3]**

i) साईं - साईं करणु ii) दालि न ग॒रणु

iii) वात जा फटाका साड़णु iv) पाणी विलोड़णु

v) सदिक़े जी ब॒किरी vi) ठरियल खीर खे फूकूं हणणु

## ڪنڊ ’د‘

## खण्ड -“द”

.18 توھانجي اِسڪول ۾ سنڌو پتي مھراجا ڏاھرسين جينتي ملھائڻ جي رپورٽ تيار ڪيو. [4]

يا

توھانجي اِسڪول ۾ آتم رڪشا شِوِر لڳايو ويو، تنھنجي رپورٽ تيار ڪريو.

**18.** तव्हां जे स्कूल में “सिंधूपति महाराजा डा॒हरसेन जयंती” मल्हाइण जी रिपोर्ट तियार करियो । **[4]**

या

तव्हां जे स्कूल में आत्मरक्षा शिविर लगा॒यो वियो, तंहिंजी रिपोर्ट तियार करियो ।

**19.** **توهان پنهنجي اِسڪول جي پرنسيپال کي توهانجي ڪلاس ۾ فرنيچر جي جوڳي بندوبست ڪرائڻ لاءِ درخواست لکو.** **[4]**

**يا**

**توهان پنهنجي پيءُ کان پئسا گهرائڻ ۽ گهمڻ جي موڪل بابت خط لکو.**

**19.** तव्हां पंहिंजे स्कूल जे प्रिंसीपाल खे तव्हांजी क्लास में फ़र्नीचर जे जोगॆ बंदोबस्त कराइणु लाइ दरख़्वास्त लिखो । **[4]**

**या**

तव्हां पंहिंजे पीउ खां पैसा घुराइणु ऐं घुमण जी मोकल बाबति ख़तु लिखो ।

**20.** **ڪنهن بہ هڪ وشيہ تي اٽڪل 200 لفظن ۾ مضمون لکو.** **[4]**

i) **ملڪ ۾ وڌندڙ بيروزگاري ۽ اُنجو حل.**

ii) **آنلائين شاپنگ مان فائدا ۽ نقصان.**

iii) **سنڌي ريتيون رسمون.**

iv) **منهنجو سهڻو سپنو.**

**20.** कंहिं बि हिक विषय ते अटिकल 200 लफ़्ज़नि में मज़मून लिखो । **[4]**

i) मुल्क में वधंदड़ बेरोज़गारी ऐं उनजो हलु ।

ii) ऑनलाइन शॉपिंग मां फ़ाइदा ऐं नुकसान ।

iii) सिंधी रीतियूं रस्मूं ।

iv) मुंहिंजो सुहिणो सपनो ।

---

DO NOT WRITE ANYTHING HERE